القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

ٻير شريف

السادس

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَ
نہ ٿو پسند ڪري الله وڏي آواز بڇڙي ڳالهائڻ ڪي مگر جنهن تي ظلم ٿيو هجي، ۽
الله مظلوم کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو(ڪنهن کي) وڏي سڏ (۽ ڪليل طرح) بڇڙو ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهي، ۽

كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿١٤٨﴾ اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ
آهي الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ جيڪڏهن توهان ظاهر ڪندؤ ڪو چڱو ڪم يا لڪائيندؤ ان کي يا
الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي، جيڪڏهن اوهين ڪا چڱائي پڌري (طرح)ڪندا آهيو يا اُها لڪائي ڪندا آهيو يا

تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿١٤٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
معاف ڪندؤ ڪا برائي پوءِ بيشڪ الله آهي معاف ڪندڙ قدرت وارو. يقينن جيڪي
(ڪنهين ساڻ) مدائيءَ ڪرڻ کان ٽارو ڪندا آهيو تہ بيشڪ الله معافي ڏيندڙ وس وارو آهي. بيشڪ جيڪي

يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَ
ڪفر ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسولن جو ۽ ارادو ڪن ٿا فرق ڪرڻ جو درميان الله ۽
الله ۽ سندس پيغمبرن کي نہ مڃيندا آهن ۽ الله ۽ سندس پيغمبرن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ گهرندا آهن

رُسُلِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّنَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّيُرِيْدُوْنَ
سندس رسولن جي ۽ چون ٿا تہ مڃون ٿا ڪن کي ۽ نہ ٿا مڃون ٻين کي ۽ چاهين ٿا
۽ چوندا آهن تہ ڪن پيغمبرن کي مڃيون ٿا ۽ ڪن (پيغمبرن) کي نہ ٿا مڃيون

اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ۙ﴿١٥٠﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ
تہ وٺن انهيءَ وچ ۾ ڪو رستو. اهي ئي آهن ڪافر
۽ انهيءَ وچ ۾ ڪا بي وات وٺڻ گهرندا آهن. اهي ئي پڪ ڪافر آهن.

حَقًّا ۚ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٥١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ
پڪا، ۽ تيار ڪيو آهي اسان ڪافرن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ. ۽ جن ايمان آندو الله
۽ ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون. ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو

وَرُسُلِهٖ وَلَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ
۽ ان جي رسولن تي ۽ نہ فرق ڪيائون انهن مان ڪنهن هڪ جي وچ ۾ تہ انهن کي جلد ڏيندو
۽ منجهائن ڪنهن هڪ جي وچ ۾ فرق نہ ڪيو، انهن کي الله سندن اجر سگهو ڏيندو،

ع ٢١ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٢﴾ ع يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ
سندن اجر، ۽ آهي الله بخشيندڙ مهربان. گهرن ٿا توکان اهل ڪتاب
۽ الله بخشڻهار مهربان آهي، (اي پيغمبرا) ڪتاب وارا توکان سوال ٿا ڪن تہ آسمان کان (هڪ ئي ڀيري)

اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى اَكْبَرَ

تہ لاهج انهن تي كو كتاب آسمان كان پوءِ انهن سوال كيو هو موسيٰ كان وڏو

مٿن كتاب لاهين (اُن جو خيال نہ ڪر) ڇو تہ انهن كان (بہ) وڏو موسيٰ كان سوال كيو هئائون

مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ

انهيءَ كان پوءِ چيائون ڏيكار اسان كي الله چٽو پوءِ ورتو انهن كي وڄ سندن گناهہ سبب،

جو چيائون تہ، اسان كي الله (اکين سان) چٽو ڏيكارا پوءِ سندن گناهہ سببان مٿن وڄ كري،

ثُمَّ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ

وري ٺاهيائون گابو (پوڄا لاءِ) وٽن معجزن پهچڻ كان بعد پوءِ معاف كيوسون

وري پاڻ وٽ معجزن جي اچڻ كان پوءِ گابي كي (خدا كري) ورتائون پوءِ اُن (سندن ڏوهہ) كان

ذٰلِكَ ۚ وَاٰتَيْنَا مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٣﴾ وَرَفَعْنَا فَوْقَهُمُ الطُّوْرَ

اُن كي، ۽ ڏنوسون موسيٰ كي غلبو پڌرو. ۽ كڙو كيوسون انهن تي طور كي

معافي ڏني سون ، ۽ موسيٰ كي پڌرو غلبو ڏنوسون. ۽ كائنئن انجام وٺڻ لاءِ سندن مٿان (جبل) طور

بِمِيْثَاقِهِمْ وَقُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُلْنَا لَهُمْ

انهن كان وعدو وٺڻ لاءِ ۽ چيوسون انهن كي تہ داخل ٿيو دروازي كان سجدو كندي ۽ چيوسون انهن كي تہ

كڙو كيوسون ۽ كين چيوسون تہ (شهر جي) دروازي كان سجدو كندڙ ٿي گهڙو ۽ كين (هيءَ بہ) فرمايوسون تہ

لَا تَعْدُوْا فِي السَّبْتِ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٤﴾ فَبِمَا

نہ لنگهو حد كان ڇنڇر ڏينهن ۽ ورتوسون انهن كان وعدو پكو. پوءِ

ڇنڇر (جي ڏينهن مڇي نہ مارڻ جي حكم كيل) ۾ حد كان نہ لنگهو ۽ كائنئن پكو انجام ورتوسون.

نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَكُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَقَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ

(لعنت آئين) سندن وعدہ پڄڻ سبب ۽ نہ مڃڻ كري الله جي آيتن كي ۽ خون كرڻ كري نبين كي ناحق

پوءِ سندن، انجام پڄڻ ۽ الله جي آيتن كي، سندن نہ مڃڻ ۽ پيغمبرن كي، سندن ناحق مارڻ (سببان سزا جوڳا ٿيا)

حَقٍّ وَّقَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ۭ بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ

۽ سندن هن چوڻ كري تہ دليون اسان جون پردي ۾ آهن، نہ پر مُهر هنئي الله انهن جي دلين تي سندن كفر جي كري

۽ سندن (انهيءَ) چوڻ سببان تہ اسان جون دليون ڍكيل آهن، (نہ!) بلك الله سندن كفر سببان مٿن مُهر هنئي آهي،

فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥٥﴾ وَّبِكُفْرِهِمْ وَقَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا

پوءِ نہ ايمان آڻيندا مگر ٿورا، ۽ سندن كفر جي كري ۽ سندن مڙهڻ جي كري مريم تي بهتان

تنهن كري ٿورن كان سواءِ ايمان نہ آڻيندا. ۽ سندن كفر سببان ۽ مريم تي سندن وڏي بهتان چوڻ سببان.

عَظِيْمًا ﴿١٥٦﴾ وَّقَوْلِهِمْ اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ رَسُوْلَ
وڏو. ۽ سندن چوڻ جي ڪري تہ اسان قتل ڪيوسون مسيح عيسيٰ پٽ مريم الله جي
۽ سندن هن چوڻ سببان تہ الله جي پيغمبر مسيح عيسيٰ پٽ مريم جي کي ڪُنو اٿئون

اللّٰهِ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ
رسول ڪي، هوڏانهن نہ قتل ڪيائون ان کي نڪي ڦاسي ڏنائونس پر انهيءَ جهڙو تي پيو اهو (مقتول) انهن لاءِ ۽ پڪ
حالانڪ نڪي ڪيس، ڪُنائون ۽ نڪي ڪيس سوريءَ تي چاڙهيائون پر انهن کي شُبهي ۾ وڌو ويو آهي. ۽ جن

الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ
اهي جن اختلاف ڪيو انهيءَ ۾ سي خود شڪ ۾ آهن ان کان، ناهي انهن کي ان جي ڪا خبر
اُن بابت تڪرار ڪيو سي ڪانئس شڪ ۾ آهن، گمان کان سواءِ ڪين اُن جي ڪا

اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ﴿١٥٧﴾ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ
مگر پيروي وهم جي، ۽ ڪونہ ماريو هئائون ان کي پڪ. پر مٿي کڻي ورتو ان کي الله پنهنجي طرف،
پڪي ڄاڻپ نہ آهي، ۽ پڪ سان ڪيس نہ ڪُنو اٿن. بلڪ الله ڪيس پاڻ ڏانهن مٿي کڻي ورتو. ۽ الله

وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٥٨﴾ وَاِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا
۽ آهي الله زبردست حڪمت وارو. ۽ نہ رهندو ڪوئي اهل ڪتاب مگر
غالب حڪمت وارو آهي. ۽ ڪتاب وارن مان ڪوئي نہ رهندو پر سندس موت کان اڳ

لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ
ضرور ايمان آڻيندو انهي تي ان جي مرڻ کان اڳ، ۽ ڏينهن قيامت اهو هوندو انهن تي
(سڀئي) مٿس ضرور ايمان آڻيندا. ۽ قيامت جي ڏينهن (عيسيٰ) مٿن شاهد هوندو.

شَهِيْدًا ﴿١٥٩﴾ فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ
شاهد. پوءِ ڪارڻ ظلم يهودين جي حرام ڪيون سون انهن تي
پوءِ يهودين جي ظلم سببان (گهڻيون) سُٺيون شيون جي انهن لاءِ حلال ڪيل هيون سي

طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَبِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَثِيْرًا ﴿١٦٠﴾
ڪي سُٺيون شيون جيڪي حلال هيون انهن لاءِ ۽ سندن رڪاوٽ وجهڻ جي ڪري الله جي رستي کان گهڻي قدر.
مٿن حرام ڪيون سون ۽ (پڻ) گهڻن (ماڻهن) کي الله جي واٽ کان سندن جهلڻ سببان.

وَّاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ اَمْوَالَ النَّاسِ
۽ سندن وياج وٺڻ جي ڪري حالانڪ روڪيل هئا انهيءَ کان ۽ سندن کائڻ جي ڪري مال ماڻهن جا
۽ پڻ سندن وياج وٺڻ سببان جو بيشڪ ڪانئس جهليا (بہ) ويا هئا ۽ (پڻ) ماڻهن جي مالن کي سندن ناحق کائڻ سببان

بِالْبَاطِلِ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦١﴾ لٰكِنِ

كوڙ تي، ۽ تيار ڪيو سون انهن مان منڪرن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ. پر

(گهٽيون حلال شيون مٿن حرام ڪيون ويون)، ۽ انهن مان ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون. پر

الرّٰسِخُوْنَ فِی الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَاۤ اُنْزِلَ

جيڪي پختا آهن علم ۾ انهن مان ۽ ايمان وارا سي مڃين ٿا ان کي جيڪي لاٿو ويو

منجهانئن علم ۾ پڪا ۽ مؤمن، جيڪي توڏانهن نازل ڪيو ويو تنهن کي ۽ جيڪي

اِلَيْكَ وَمَاۤ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ

توڏانهن ۽ جيڪي لاٿو ويو توکان اڳ ۾ ۽ قائم ڪندڙ آهن نماز کي ۽ ڏيندڙ

توکان اڳ نازل ڪيو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ نماز پڙهندڙ ۽ زڪوات ڏيندڙ

الزَّكٰوةَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ

زڪوات کي ۽ ايمان آڻيندڙ آهن الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي، اهي ئي آهن جلد ڏينداسون انهن کي

۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ آهن، انهن کي سگهوئي وڏو اجر ڏينداسون.

اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٦٢﴾ؑ اِنَّاۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ كَمَاۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى نُوْحٍ ع ٢٢ ٢

اجر وڏو. بيشڪ وحي موڪليو سون توڏانهن جيئن وحي موڪليو سون نوح

اسان توڏانهن (اهڙيءَ طرح) وحي ڪيو جهڙيءَ طرح نوح ڏانهن ۽ ڪانئس پوءِ (ٻين)

وَّالنَّبِيّٖنَ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۚ وَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ

۽ ٻين نبين ڏانهن ان کان پوءِ، ۽ وحي موڪليوسون ابراهيم ۽ اسماعيل

پيغمبرن ڏانهن وحي ڪيو هوسون ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب

وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَعِيْسٰى وَاَيُّوْبَ وَيُوْنُسَ وَ

۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ انهن جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽

۽ يعقوب جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان

هٰرُوْنَ وَسُلَيْمٰنَ ۚ وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿١٦٣﴾ۚ وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ

هارون ۽ سليمان ڏانهن، ۽ ڏنوسون دائود کي زبور، ۽ ڪيترائي رسول جيڪي ٻڌايا سون

ڏانهن وحي ڪيوسون، ۽ دائود کي زبور ڏنوسون. ۽ ٻيا (گهڻا) پيغمبر آهن جن جو هن کان اڳ توکي

عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ وَرُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ؕ وَكَلَّمَ اللّٰهُ

توکي اڳي ۽ ٻيا ڪيترا رسول نہ ٻڌايا سون اهي توکي، ۽ ڳالهايو الله

بيان ٻڌايوسون ۽ (ٻيا گهڻا) پيغمبر آهن جن جو بيان توکي نہ ٻڌايوسون، ۽ الله موسيٰ سان

مُوْسٰى تَكْلِيْمًا ﴿١٦٤﴾ رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ
موسيٰ سان سڌو سنئون . كيترائي رسول خوشي ٻڌائيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ جيئن نہ رهي
گفتگو كئي. پيغمبر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ هن لاءِ آهن تہ پيغمبرن (جي اچڻ)

لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌ ۢ بَعْدَ الرُّسُلِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٦٥﴾
ماڻهن جو الله تي كو الزام رسولن كان پوءِ، ۽ آهي الله زبردست حكمت وارو.
كان پوءِ ماڻهن جي كا حجت الله تي نہ رهي، ۽ الله غالب حكمت وارو آهي.

لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَالْمَلٰۤئِكَةُ
پر الله شاهدي ڏئي ٿو تہ جيكي نازل كيائين .توڏانهن نازل كيائين انهيءَ كي پنهنجي علم سان، ۽ ملائك بہ
پر الله جيكو (كتاب) توڏانهن لاٿو آهي تنهن لاءِ (پاڻ) شاهدي ٿو ڏئي تہ اُهو پنهنجي علم سان نازل كيو اٿس ۽

يَشْهَدُوْنَ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿١٦٦﴾ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا
شاهدي ٿا ڏين، ۽ كافي آهي الله شاهد. البتہ جن ماڻهن كفر كيو ۽ روكيائون
ملائك بہ شاهدي ٿا ڏين، ۽ الله گواهہ كافي آهي. جن انكار كيو ۽ الله جي واٽ كان

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
الله جي رستي كان اهي گمراهہ ٿي وڃي پري پيا. بيشك جن انكار كيو
(ماڻهن كي) جهليو، سي بيشك وڏي ڀل ۾ پيا. بيشك جن انكار كيو ۽ ظلم كندا رهيا

وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾ۙ
۽ ناحق كيو نہ الله بخشيندو انهن كي ۽ نكي ڏسيندو انهن كي سڌو رستو.
تہ الله (جو شان اهڙو) نہ آهي جو كين بخشي ۽ نكي (اهڙو) آهي جو كين (ٻي) كا (سڌي) واٽ ڏيكاري.

اِلَّا طَرِيْقَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ
مگر رستو دوزخ جو رهندا انهيءَ ۾ هميشہ، ۽ آهي اهو الله تي
دوزخ جي واٽ كان سواءِ، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اِهو الله تي سهنجو آهي.

يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ
آسان. اي انسانو! آندو توهان وٽ رسول حق كي توهان جي پروردگار كان
اي انسانو! اوهان جي پالڻهار وٽان پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان وٽ سچ وٺي آيو آهي تنهن كري مٿس ايمان

فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ۭ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ
پوءِ مڃيو تہ ڀلو ٿئي توهان جو، ۽ جيكڏهن انكار كندؤ تہ بيشك الله جو آهي جيكي آسمانن ۾ آهي
آڻيو جو اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيكڏهن نہ مڃيندؤ (تہ اوهان جو نقصان آهي) ڇو تہ جيكي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي

وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧٠﴾ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا

۽ زمين ۾ آهي، ۽ آهي الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو. اي اهل ڪتاب نہ وڌاءُ ڪريو

سو الله جو آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. اي ڪتاب وارؤ! پنهنجي دين ۾ حد کان نہ لنگهو

فِيْ دِيْنِكُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى

پنهنجي دين ۾ ۽ نہ ڳالهايو الله تي مگر سچ، رڳو خير هئو عيسيٰ

۽ نڪي سچ کان سواءِ الله تي (ڪجھ بہ) چئو. عيسيٰ پٽ مريم جو الله جو پيغمبر ۽ سندس

ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗ ۚ اَلْقٰىهَاۤ اِلٰى مَرْيَمَ وَرُوْحٌ

بن مريم آهي رسول الله جو ۽ امر انهيءَ جو، جنهن کي پهچايائين مريم تائين ۽ روح

(خاص) حڪم (سان پيدا ڪيل) آهي، اهو مريم ڏانهن ھلايائين ۽ سندس پار کان هڪ روح آهي، تنهن ڪري

مِّنْهُ ز فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ قف وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا

انهيءَ کان پوءِ مڃيو الله کي ۽ ان جي رسولن کي، ۽ نہ چئو ٽي آهن، مڙي وڃو تہ ڀلو ٿئي

الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو ۽ (اوهين) ٽي (خدا) نہ چئو. (اهڙي چوڻ کان پاڻ کي) جهليو (اِهو

لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ سُبْحٰنَهٗۤ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ م لَهٗ مَا وقف لازم

توهان جو، رڳو الله مالڪ هڪڙوئي آهي، اهو هن کان پاڪ آهي تہ هجي ان کي اولاد، انهيءَ لاءِ آهي جيڪي

اوهان لاءِ ڀلو آهي، رڳو هڪ الله کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، پُٽن جي هجڻ کان اهو پاڪ آهي،

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٧١﴾ ع ٢٣ ٤

آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ ڪافي آهي الله ڪارساز.

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو ان جو آهي، ۽ الله سنڀاليندڙ ڪافي آهي.

لَنْ يَّسْتَنْكِفَ الْمَسِيْحُ اَنْ يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَلَا الْمَلٰٓئِكَةُ

بنھ نہ ٿو عار ڪري مسيح تہ هجي ٻانهو الله جو ۽ نڪي ملائڪ

عيسيٰ الله جي ٻانهي هجڻ کان، بنھ عار نہ ڪندو آهي ۽ نڪي مقرب ملائڪ.

الْمُقَرَّبُوْنَ ؕ وَمَنْ يَّسْتَنْكِفْ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ

ويجهي درجي وارا، ۽ جيڪو عار ڪندو انهيءَ جي عبادت کان ۽ آڪڙ ڪندو تہ جلد گڏ ڪندو انهن

۽ جيڪو سندس ٻانهپ کان عار ڪندو ۽ وڏائي ڪندو تن سڀني کي (الله) پاڻ وٽ

اِلَيْهِ جَمِيْعًا ﴿١٧٢﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ

سڀني کي پاڻ وٽ. پوءِ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تہ پورو ڏيندو انهن کي

سگهوئي گڏ ڪندو. پوءِ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن تن کي سندن اجر پورو ڏيندو

أُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ج وَاَمَّا الَّذِيْنَ

سندن اجورا ۽ وڌائي ڏيندو انهن کي پنهنجي مهرباني مان، ۽ جن

۽ (بلک) پنهنجي فضل سان کين وڌيک ڏيندو، ۽ جن (ٻانهي هجڻ کان) عار کيو ۽ وڏائي ڪئي

اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ

نفرت ڪئي ۽ آڪڙ ڪئي پوءِ عذاب ڏيندو انهن کي عذاب دردناڪ. ۽ نه لهندا پاڻ لاءِ

تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو ۽ الله کان سواءِ پنهنجو نڪو سنڀاليندڙ

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧٣﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ

الله کان سواءِ ڪوئي مددگار ۽ نه ٻيليرائي ڪندڙ. اي انسانو! پهچي ويو توهان وٽ

۽ نڪو مددگار لهندا. اي انسانو! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان

بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٤﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

دليل توهان جي رب کان ۽ لاٿي سي توهان تي روشني پڌري. پوءِ جن

هڪ پڪي سَنَد آئي آهي ۽ اوهان ڏانهن چٽو سوجهرو (قرآن) لاٿوسون. پوءِ جن الله کي مڃيو

اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ

ايمان آندو الله تي ۽ چنبڙيا ان کي ته جلد داخل ڪندو انهن کي رحمت پنهنجي

۽ کيس چنبڙي ورتو تن کي پنهنجي پاران ٻاجھه ۽ فضل هيٺ سگھو داخل ڪندو ۽ پاڻ ڏانهن کين سڌو رستو

وَفَضْلٍ ۙ وَّيَهْدِيْهِمْ اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿١٧٥﴾ ط يَسْتَفْتُوْنَكَ ط

۽ مهرباني ۾ ۽ ڏيکاريندو انهن کي پاڻ ڏانهن رستو سڌو. فتويٰ پڇن ٿا توکان،

ڏيکاريندو. (اي پيغمبر! جنهن کي اولاد ۽ ماءُ پيءُ نه هجي تنهن جي ميراث بابت) توکان پڇن ٿا. چئو ته،

قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ط اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ

چئو الله حڪم ڏئي ٿو توهان کي نپٽي آوتي ۾، ته جيڪڏهن اهڙو مرد مري پوي جو ناهي ان کي اولاد

الله اهڙي ڪلالہ (جي ميراث) بابت اوهان کي فتويٰ ٿو ڏئي، جيڪڏهن (ڪو اهڙو) مرد مري جنهن کي ڪو اولاد نه آهي (۽ نه ماءُ

وَّلَهٗۤ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ج وَهُوَ يَرِثُهَاۤ اِنْ لَّمْ يَكُنْ

۽ ان کي ڀيڻ آهي ته ان لاءِ آهي اڌ ڇڏيل مال جو، ۽ اهو وارث ٿيندو ڀيڻ جو جي نه آهي

پيءُ) ۽ کيس هڪ ڀيڻ آهي ته جيڪي ڇڏيائين تنهن جو اڌ ان لاءِ آهي، ۽ (جيڪڏهن اهڙي ڪا عورت مري وڃي ۽ ڀاءُ جيئرو اٿس ته)

لَّهَا وَلَدٌ ط فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ط وَاِنْ

ان کي اولاد، پر جيڪڏهن هجن ٻه ڀيڻر ته انهن لاءِ آهن ٻه ٽهايون ان مان جو ڇڏيائين، ۽ جيڪڏهن

ڀاءُ سندس وارث آهي سو تڏهن جو کيس ڪو اولاد نه هجي، پوءِ جيڪڏهن ٻه ڀينر هجن ته جيڪي ڇڏيائين تنهن مان ٻنهي

كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّ نِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ

ان جي برادر مرد ۽ عورتون آهن ته مرد لاءِ آهي جيترو ڀاڱو ٻن عورتن جو.

لاءِ ٻه ڀائر يا ٻه ڀينرون آهن ۽ جيڪڏهن (وارث) ڀينرون ۽ ڀائر هجن ته مڙس (يعني ڀاءُ) لاءِ ٻن عورتن (ڀينرن) جي حصي جيترو آهي.

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ ع ٢٤

بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ متان گمراهه ٿيو، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

الله اوهان لاءِ بيان ڪندو آهي ته متان (اوهين) گمراهه ٿيو، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٢٠ رُكُوْعَاتُهَا ١٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ؕ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ

اي ايمان وارؤ! پورو ڪريو وعدن کي، حلال ڪيو ويو توهان لاءِ چوپايو

اي ايمان وارؤ! (پنهنجن) انجامن کي پاڙيو. جيڪي اوهان تي پڙهبو تنهن کان سواءِ (ٻيا)

الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّي الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ

مال مگر اهي جيڪي پڙهيا ويندا توهان کي نه حلال سمجهو شڪار کي جو توهان هجو احرام ۾.

چوپايا ڍور اوهان لاءِ حلال ڪيا ويا آهن پر اوهين احرام وارا ٿي شڪار کي حلال سمجهندڙ نه ٿيو. ڇو ته الله

اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ﴿١﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ

بيشڪ الله حڪم ڪري ٿو جيڪي گهري ٿو. اي ايمان وارؤ! نه بي حرمتي ڪريو الله جي نشانين جي

جيڪي گهرندو آهي سو حڪم ڪندو آهي. اي ايمان وارؤ! (اوهين) نڪي الله جي عبادت جي نشانين جي بي تعظيمي ڪريو

وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ اٰمِّيْنَ

۽ نه مهيني عزت واري جي ۽ نه خيرات واري جانور جي ۽ نه حرم لاءِ ڳانين پٽل جانورن جي ۽ نڪي قصد ڪري ايندڙن

۽ نڪي تعظيم واري مهيني جي ۽ نڪي (ڪعبي ڏانهن موڪليل) قربانيءَ (جي جانور) جي ۽ نڪي قلائد (الله لاءِ نذر ڪيلن جانورن جي ڳچين ۾ پٽل پٽن)

الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ؕ وَاِذَا

جي عزت واري گهر ڏانهن جيڪي گهرن ٿا فضل کي پنهنجي رب کان ۽ رضامندي کي، ۽ جڏهن

جي ۽ نڪي انهن ماڻهن جي (بي تعظيمي ڪريو) جيڪي پنهنجي پالڻهار جو فضل ۽ رضامندي گهرندڙ ٿي، تعظيم واري گهر (بيت الله) ڏانهن پيا وڃن.

حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ؕ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ

لاهيو احرام ته پوءِ شڪار ڪريو ۽ نه اُڀاري اوهان کي دشمني ماڻهن جي جو روڪيو هئائون توهان کي

۽ جڏهن اوهين احرام کوليو تڏهن (ڀلي) شڪار ڪريو ۽ اوهان کي انهن ماڻهن جي دشمني هن ڳالهه جو سبب نه ٿئي جو جن اوهان کي تعظيم

اَلْمَنْزِلُ الثَّانِيْ

وقف لازم

عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا م وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ

مسجد الحرام کان نہ ظلم ڪريو، ۽ مدد ڪريو هڪ ٻئي جي چڱائي ۽

واري مسجد (حرام) کان جهليو هو، تن سان (اوهين) حد کان لنگهو، ۽ چڱائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪ ٻئي سان تعاون ڪريو.

التَّقْوٰى ص وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ص وَاتَّقُوا اللّٰهَ ط اِنَّ

پرهيزگاري تي ۽ نہ مدد ڪريو گناهہ ۽ ظلم تي ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ

۽ گناهہ ۽ زيادتي تي هڪ ٻئي سان تعاون نہ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ڇو تہ، الله سخت عذاب

الربع

اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ٢ حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَ

الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي. حرام ڪيو ويو توهان تي مئل ۽ رتُ ۽

ڪرڻ وارو آهي. اوهان تي حرام ڪجي ٿو مُئل جانور ۽ (سير جو) رت ۽ سوئر جو ماس ۽ جنهن شيءِ کي

لَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ

گوشت سوئر جو ۽ اهو جو پڪاريو ويو غير الله لاءِ ان کي ۽ گهُٽجي پوندڙ ۽ ڏَڪ لڳل

الله جي نالي کان سواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وڃي (يعني الله کان سواءِ ٻئي جي نالي ميڄتا ڪيل هجي) ۽ گهٽو ڏيئي ماريل

وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ وَمَآ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ قف

۽ مٿان ڪِري پوندڙ ۽ سڱ لڳل ۽ اهو جنهن کي کاڌو ڦاڙيندڙ مگر جنهن کي ڪُهي وڃهو،

۽ ڏڪ سان مئل ۽ ڪرڻ سان مئل ۽ ڍور جي اڪل سان مئل (حرام ڪجي ٿو) ۽ جيڪو (جانور ڪنهن) ڦاڙيندڙ کاڌو (سو بہ)، پر جنهن کي (مرڻ کان اڳ) ذبح ڪيو

وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَاَنْ تَسْتَقْسِمُوْا بِالْاَزْلَامِ ط ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ط

۽ جو ڪُٺو ويو آستاني تي ۽ هي جو ڀاڱو وجهو توهان تيرن سان، اهو اٿوَ گناهہ،

(سو حرام نہ آهي) ۽ جو (جانور) آستانن تي ذبح ڪجي (سو بہ حرام ڪجي ٿو) ۽ اوهان جو تيرن سان ورهاڻ (بہ)، اهي (مڙئي) گناهہ جا ڪم آهن،

اَلْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَ

اڄ آسرو لاٿو ڪافرن توهان جي دين کان پوءِ نہ ڊڄو انهن کان ۽

اڄ ڪافر اوهان جي دين کان نااميد ٿيا تنهن ڪري کائنئن نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو!

اخْشَوْنِ ط اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ

ڊڄو مون کان، اڄ ڪامل ڪيم توهان لاءِ دين توهان جو ۽ پوري ڪيم توهان تي پنهنجي مهرباني

اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم

وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ط فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ مَخْمَصَةٍ غَيْرَ

۽ پسند ڪيم توهان لاءِ اسلام کي دين ڪري، پوءِ جيڪو لاچار ٿيو بک ۾ ناهي

۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم، پوءِ جيڪو گناهہ ڏانهن نہ لاڙو ڪندڙ ٿي بک ۾ لاچار ٿئي (۽ مٿين حرام

مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٣ يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ

لاڙو ڪندڙ گناه لاءِ پوءِ الله بخشڻهار مهربان آهي. پڇا ڪن تو کان تہ ڪهڙي شيءِ

شين مان ڪجهہ کائي تہ روا آهي) چو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. (اي پيغمبرا) توکان پڇن ٿا تہ انهن لاءِ

اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ

حلال آهي انهن لاءِ، چؤ حلال ڪيون ويون توهان لاءِ سٺيون شيون ۽ جيڪي سيکاريا اٿوَ شڪاري جانور

ڪهڙيون شيون حلال ڪيون ويون آهن، چئو تہ، اوهان لاءِ (سڀ) سُٺيون (شيون) حلال ڪيون ويون آهن ۽(اهو شڪار بہ حلال آهي) جيڪي

مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫ فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ

شڪار پٺيان لائڻ لاءِ توهان سکيا ڏني آهي انهن کي ان مان جيڪي سيکاريو توهان کي الله پوءِ کائو ان مان جيڪي وٺي جهلن

شڪاري جانورن کي شڪار سيکاريندڙ ٿي، (اوهان) سيکاريو آهي (يعني) جيڪي الله (شڪار ڪرڻ جو دستور) اوهان کي سيکاريو تنهن مان انهن کي

عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

توهان لاءِ ۽ پڙهو نالو الله جو ان تي ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله

سيکاريو هجيو تہ جيڪو (شڪار آهي) اوهان لاءِ جهلين تنهن مان کائو ۽ (جانور کي ٻجڻ مهل)، ان تي الله جو نالو (يعني بسم الله الله اڪبر) چئو ۽

سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٤ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ

جلد وٺندڙ آهي حساب. اڄ حلال ٿيون توهان لاءِ سٺيون شيون ۽ کُٺِي

الله کان ڊڄو، چو تہ الله سنت حساب وٺندڙ آهي. اڄ اوهان لاءِ سٺيون شيون حلال ڪيون ويون آهن ، ۽ ڪتاب وارن جو طعام (بہ)

اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۠ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ

اهل ڪتاب جي حلال آهي توهان لاءِ ۽ کُٺِي اوهان جي حلال آهي انهن لاءِ ۽ پڻ پاڪدامن

اوهان لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو طعام انهن لاءِ حلال آهي ۽ (پڻ) پاڪ دامنيون مومنياڻيون

مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ

مسلمان عورتون ۽ پاڪدامن عورتون انهن جون جن کي ڏنو ويو ڪتاب توهان

۽ جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو تن مان پاڪ دامنيون جڏهن پرڻو ڪندڙ،

قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ

کان اڳ جڏهن ڏيو توهان انهن کي سڌن مهر شادي ڪندڙ ٿي نہ زنا ڪندڙ ٿي

نہ زنا ڪندڙ ۽ نہ ڳجهي آشنائي رکندڙ، جڏهن کين سندن ڪابين ڏيو (تہ حلال ڪيون ويون) ۽

وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ

۽ نہ وٺندڙ لڪل ياري، ۽ جيڪو ڪفر ڪندو شريعت جو تہ ضايع ٿيندو

جيڪو ايمان (يعني انهن حڪمن مڃڻ) جو انڪار ڪندو تنهن جو ڪيو ڪمايو بيشڪ

ع ٥/٥

عَمَلُهٗ ۫ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ⑤ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا
عمل انھيءَ جو ۽ اھو آخرت ۾ ٿيندو نقصان وارن مان. اي ايمان وارؤا
ناس ٿي ويو ۽ اھو آخرت ۾ خساري وارن مان آھي.اي ايمان وارؤا جڏھن اوھين نماز لاءِ اٿو تڏھن

اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ
جڏھن اٿو نماز تي تہ ڌئو پنھنجا منھن ۽ پنھنجا ھٿ
پنھنجن منھن کي ۽ پنھنجن ھٿن کي ٺونٺين تائين ڌوئو

اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَاِنْ
ٺونٺين تائين ۽ مک ڪريو پنھنجي مٿن جي ۽ ڌئو پنھنجا پير پيڏين تائين، ۽ جيڪڏھن
۽ پنھنجن مٿن کي مسح ڪريو ۽ پنھنجن پيرن کي پيڏين تائين (ڌوئو)، ۽ جيڪڏھن اوھين

كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ
ھجو توھان تڙسان تہ غسل ڪريو، ۽ جيڪڏھن آھيو بيمار يا (آھيو) سفرتي يا
جُنبي (يعني مٿي ميرا) ھجو تہ پاڪ ٿيو (يعني تڙ ڪريو)، ۽ جيڪڏھن بيمار ھجو يا مسافريءَ تي (ھجو) يا

جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا
آيو ڪوئي توھان مان پائخاني کان يا ميلاپ ڪيو اٿوَ عورتن سان پوءِ نہ تالھو
اوھان منجھان ڪو پائخاني مان اچي يا اوھين زالن کي ويجھا ويا ھجو پوءِ اوھين پاڻي نہ لھو تہ

مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ
پاڻي تہ ارادو ڪيو مٽيءَ پاڪ جو پوءِ مسح ڪريو پنھنجن منھن کي ۽ پنھنجن ھٿن کي
پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو پوءِ پنھنجن منھن کي ۽ پنھنجن ھٿن کي منجھانئس مسح ڪريو

مِّنْهُ ؕ مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّلٰكِنْ يُّرِيْدُ
انھيءَ مان، نہ تو گھري الله تہ ڪري توھان تي ڪا تنگي ۽ پر چاھي ٿو
۽ الله اوھان تي ڪا تنگي نہ ڪرڻ گھرندو آھي، پر گھرندو آھي تہ اوھان کي پاڪ ڪري

لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ⑥ وَ
تہ پاڪ رکي توھان کي ۽ پوري ڪري نعمت پنھنجي توھان تي من توھان شڪر ڪريو. ۽
۽ اوھان تي پنھنجي نعمت پوري ڪري تہ مَن اوھين شڪرانو ڪريو. ۽ الله جي نعمت

اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖٓ ۙ
يادرکو نعمت الله جي پاڻ تي ۽ سلدس انجام جو ٻڌائين توھان سان ان کي
جا اوھان تي آھي سا ياد ڪريو ۽ سندس اھو انجام جيڪو اوھان سان پڪيءَ طرح ڪيائين تنھن کي

إِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ عَلِيمٌ بِذَاتِ
جڏهن چيو توهان ٻڌوسون ۽ مڃيوسون ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي راز
(۽ ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو ته ٻڌوسون ۽ مڃيوسون (تڏهن وري نه ڦرو) ۽ الله کان ڊڄو، ڇو ته الله سينن وارو (ڀيد)

الصُّدُورِ ⑦ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُونُوا قَوَّامِينَ لِلّٰهِ شُهَدَاءَ
دلين جي ڪي. اي ايمان وارؤ! هجو بيهندڙ الله خاطر شاهدي ڏيندڙ
ڄاڻندڙ آهي، اي ايمان وارؤ الله لڳ بيهڪ وٺندڙ ٿي، انصاف سان شاهدي ڏيندڙ ٿيو

بِالْقِسْطِ ۖ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَآنُ قَوْمٍ عَلَىٰ أَلَّا تَعْدِلُوا ۚ
انصاف سان، ۽ نه اياري توهان کي دشمني ماڻهن جي هن تي جو نه عدل ڪريو،
۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان کي اوهان جي بي انصافي ڪرڻ تي نه چڪي، انصاف ڪريو

اعْدِلُوا هُوَ أَقْرَبُ لِلتَّقْوَىٰ ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ خَبِيرٌ
انصاف ڪريو، اهوئي وڌيڪ ويجهو آهي پرهيزگاري کي ۽ ڪنبو الله کان، بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي
اهو پرهيزگاري کي ڏاڍو ويجهو آهي ۽ الله کان ڊڄو، ڇو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله

بِمَا تَعْمَلُونَ ⑧ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ ۙ
جيڪي توهان ڪريو ٿا. وعدو ڪيو آهي الله انهن سان جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا
خبر رکندڙ آهي. جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن سان الله وعدو ڪيو آهي

لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ عَظِيمٌ ⑨ وَالَّذِينَ كَفَرُوا وَكَذَّبُوا بِآيَاتِنَا
ته انهن لاءِ بخشش ۽ ثواب وڏو آهي، ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي
ته انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو

أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَحِيمِ ⑩ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اذْكُرُوا نِعْمَتَ
اهي دوزخي آهن. اي ايمان وارؤ! ياد ڪريو مهرباني
اهي دوزخي آهن. اي ايمان وارؤ الله جي نعمت، جا اوهان تي آهي سا ياد ڪريو

اللّٰهِ عَلَيْكُمْ إِذْ هَمَّ قَوْمٌ أَنْ يَبْسُطُوا إِلَيْكُمْ أَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ
الله جي پاڻ تي جڏهن خيال ڪيو ڪن ماڻهن ته ڊگها ڪن توهان ڏانهن هٿ پنهنجا پوءِ بند ڪيائين
جڏهن هڪ قوم پنهنجن هٿن کي اوهان ڏانهن (ويڙهه لاءِ) ڊگهي ڪرڻ جو ارادو ڪيو تڏهن

أَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ⑪ ع ٢
هٿ انهن جا توهان کان ۽ ڊڄو الله کان، ۽ الله تي ئي ڀل ته ڀروسو ڪن ايمان وارا.
سندن هٿ اوهان کان جهليائين ۽ الله کان ڊڄو، ۽ مومنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ جڳائي.

وَلَقَدْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۚ وَبَعَثْنَا مِنْهُمُ
۽ بيشڪ ورتو الله وعدو بني اسرائيل کان، ۽ اٿارياسون انهن مان
۽ الله بني اسرائيل کان بيشڪ انجام ورتو ۽ منجهان ٻارهن سردار مقرر ڪياسون،

اثْنَيْ عَشَرَ نَقِيْبًا ۗ وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مَعَكُمْ ۗ لَئِنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ
ٻارهن اڳواڻ، ۽ فرمايو الله ته آءٌ توهان سان گڏ آهيان، جيڪڏهن توهان سنڀالي پڙهندؤ نماز
۽ الله چيو ته، بيشڪ آءٌ اوهان سان ساڻ آهيان، جيڪڏهن نماز پڙهيو ۽ زڪوات ڏنو

وَاٰتَيْتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنْتُمْ بِرُسُلِيْ وَعَزَّرْتُمُوْهُمْ وَاَقْرَضْتُمُ
۽ ادا ڪندؤ زڪوات ۽ يقين ڪندؤ منهنجي رسولن تي ۽ مدد ڪندؤ انهن جي ۽ قرض ڏيندؤ
۽ منهنجن پيغمبرن کي مڃيو ۽ کين مدد ڪيو ۽ الله کي چڱو قرض ڏنو

اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَلَاُدْخِلَنَّكُمْ
الله کي قرض سهڻو توهان کان ته ضرور ميٽيندس مدايون توهان جون ۽ ضرور داخل ڪندس توهان کي
ته اوهان کان ضرور ميٽيندس اوهان جون مدايون ۽ اوهان کي اهڙن باغن ۾ ضرور داخل ڪندس

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ فَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ مِنْكُمْ
باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون، پوءِ جنهن ڪفر ڪيو ان کان پوءِ توهان مان
جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، سو وري هن کان پوءِ اوهان مان جيڪو ڪافر ٿيندو

فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ
ته بيشڪ گمراهه ٿيو سڌي رستي کان. پوءِ هن ڪري جو ڀڳو انهن وعدو پنهنجو
سو بيشڪ سڌيءَ واٽ کان ڀلو. پوءِ سندن انجام ڀڄڻ سببان مٿن لعنت ڪئي سون

لَعَنّٰهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ
لعنت ڪئي سون انهن تي ۽ اسان ڪيون دليون انهن جون سخت، اهي ڦيرائين پيا لفظ
۽ سندين دلين کي سخت ڪيوسون، (اهي توريت ۾ ڪن) لفظن کي پنهنجين جاين کان بدلائين ٿا

عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ تَطَّلِعُ
پنهنجي جاين کان ۽ وساريائون ڀاڱو انهي مان جنهن سان نصيحت ڪيا ويا ۽ هميشه تون واقف ٿيندو رهندين
۽ جيڪا نصيحت ڪئي ويئي هين تنهن مان ڪجهه حصو وساريائون ۽ منجهائنئن ٿورڙن کان سواءِ

عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ۗ
خيانت انهن جي تي مگر ٿورا انهن مان پوءِ معاف ڪر انهن کي ۽ مڙي وڃ،
انهن (سڀني) جي (هڪ نه ٻيءَ) خيانت تي هميشه واقف ٿيندو رهندين، تنهن ڪري کين معاف ڪر ۽ مڙي وڃ!

إِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾ وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا إِنَّا نَصٰرٰٓى

بيشڪ الله پسند ڪري ٿو چڱائي ڪندڙن کي. ۽ انهن مان جن چيو اسان نصارا آهيون

جو ته الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي. ۽ جيڪي چون ٿا ته "اسين نصاري آهيون." تن کان (به) سندن انجام

أَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ص فَأَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ

ورتوسون انجام انهن کان پوءِ وساريائون ڀاڱو انهيءَ مان نصيحت ڪيا ويا جنهن سان پوءِ ٻجهيسون انهن جي وچ ۾

ورتوسون پوءِ جيڪا نصيحت ڪئي ويئي هين تنهن مان (ڪجهه) ڀاڱو وساريائون انهيءَ ڪري سندن وچ ۾

الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ إِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ط وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ

دشمني ۽ نفرت ڏينهن قيامت تائين، ۽ جلد ٻڌائيندو انهن کي

دشمني ۽ ساڙ قيامت جي ڏينهن تائين وڌوسون. ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي الله کين

اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١٤﴾ يٰٓأَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ

الله جيڪي هئا ڪندا. اي اهل ڪتاب يقينن آيو توهان وٽ

سگهو سڌ ڏيندو. اي ڪتاب وارو! بيشڪ اسان جو پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان وٽ آيو اوهين (الله جي)

رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ

اسان جو رسول جو ظاهر ڪري ٿو توهان لاءِ ڪيترين شيون انهن مان جي توهان لڪائيندا هئا ڪتاب مان

ڪتاب مان جيڪي لڪائيندا هيو تن مان گهڻيون (ڳالهيون) اوهان کي بيان ڪري ٿو ۽

وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ط قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ لا

۽ ڇڏي ٿو ڪيتريون ئي، بيشڪ آئي توهان وٽ الله ڪان روشني ۽ ڪتاب پڌرو.

گهڻين (ڳالهين) کان ٽارو ڪري ٿو. بيشڪ اوهان وٽ الله وٽان نور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي.

يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ

ڏيکاري ٿو انهيءَ سان الله انهن کي جيڪي هليا سندس رضا تي رستا سلامتيءَ جا ۽ ڪڍي ٿو انهن کي

انهيءَ جي سبب الله انهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي، جيڪي سلامتيءَ جي واٽن ڏانهن سندس راضپو ڳولين ۽ کين

مِّنَ الظُّلُمٰتِ إِلَى النُّوْرِ بِإِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ إِلٰى صِرَاطٍ

اونداهين مان روشني ڏانهن پنهنجي ارادي سان ۽ هلائي ٿو انهن کي راه

اونداهين مان سوجهري ڏانهن پنهنجي حڪم سان ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ کين سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو.

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا إِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ

سڌيءَ تي. يقينن اهي ڪافر ٿيا جن چيو ته الله اهو ئي مسيح بن

جن چيو ته پڪ الله پاڻ مسيح پٽ مريم جو آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا. (اي پيغمبر!) چئو

مَرْيَمَ ط قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ

مريم آهي، تون چؤ تہ پوءِ ڪير ٽاريندو الله جي طرفان ڪا شيءِ جيڪڏهن اهو گھري تہ هلاڪ ڪري

تہ، جيڪڏهن الله عيسيٰ پٽ مريم جي کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي سيئي زمين ۾ آهن

الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ط وَلِلّٰهِ

مسيح بن مريم کي ۽ ان جي ماءُ کي ۽ جيڪي بہ آهن زمين ۾ سمورا، ۽ الله جي لاءِ آهي

تن کي ناس ڪرڻ گھري تہ ڪير الله کان انهن کي بچائي سگھندو؟ ۽ آسمانن ۽ زمين جي

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ط يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ط وَاللّٰهُ

بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، پيدا ٿو ڪري جيڪي چاهي، ۽ الله

۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن جي بادشاهي الله جي آهي. جيڪي گھري ٿو سو پيدا ڪري ٿو. ۽ الله

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ

هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ چيو يهودين ۽ نصارن تہ اسين آهيون

سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي. يهودي ۽ نصاريٰ چوندا آهن تہ اسين الله جا پٽ ۽ سندس پيارا آهيون.

اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ط قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ط بَلْ اَنْتُمْ

پُٽ الله جا ۽ پيارا آهيون ان جا، چؤ تہ پوءِ ڇو ٿو عذاب ڪري توهان کي اوهان جي ڏوهن ڪري، نہ پر اوهين

(اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، پوءِ توهان جي گناهن سببان ڇو عذاب ڪندو اٿو؟ بلڪ اوهين بہ انهيءَ جنس مان ماڻهو آهيو

بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ط يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ط وَلِلّٰهِ

ماڻهو آهيو انهن مان جيڪي پيدا ڪيائين، بخشي ٿو جنهن کي چاهي ۽ عذاب ڪري ٿو جنهن کي چاهي، ۽ الله لاءِ

جيڪي خلقيائين. جنهن کي وڻيس (تنهن کي) بخشي ۽ جنهن کي وڻيس (تنهن کي) عذاب ڪري، ۽

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ز وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾

بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي انهن ۾ آهي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

آسمانن ۽ زمين جي، ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي ۽ ڏانهس موٽڻ آهي.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ

اي اهل ڪتاب بيشڪ آيو اوهان وٽ اسان جو رسول جو هدايت ڪري ٿو توهان کي بند ٿيڻ

اي ڪتاب وارؤ! بيشڪ اوهان وٽ اسان جو پيغمبر اهڙي وقت ۾ آيو جو (ڪجهہ وقت تائين) پيغمبرن جو اچڻ

مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْۢ بَشِيْرٍ وَّلَا نَذِيْرٍ ز

رسولن جي وقت متان چئو تہ نہ آيو اسان ڏانهن ڪوئي خوشخبري ڏيندڙ ۽ نہ ڊيڄاريندڙ.

بند ٿي چڪو هو. اوهان تي بيان ڪري ٿو متان چئو تہ، نڪو خوشخبري ڏيندڙ ۽ نڪو ڊيڄاريندڙ اسان وٽ آيو

فَقَدْ جَآءَكُمْ بَشِيْرٌ وَّنَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ
پوءِ اجهو آيو آهي توهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله هر شيءِ تي
(هائو!) بيشڪ اوهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آيو آهي، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

قَدِيْرٌ ﴿١٩﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ
قادر آهي. ۽ جڏهن چيو موسيٰ پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم! ياد ڪريو مهرباني الله جي
۽ (ياد ڪر!) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته، اي منهنجي قوم! پاڻ تي الله جي نعمت ياد ڪريو

عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖ وَّاٰتٰىكُمْ
پاڻ تي جڏهن پيدا ڪيائين توهان ۾ انبياء ۽ ڪيائين توهان کي بادشاهه ۽ ڏنائين توهان کي
جو اوهان ۾ پيغمبر مقرر ڪيائين ۽ اوهان کي بادشاهه ڪيائين ۽ اوهان کي اُهي (نعمتون)

مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ
اهو جو نه ڏنائين ڪنهين کي جهانن مان. اي منهنجي قوم داخل ٿيو زمين
ڏنائين جي جهانن وارن مان ڪنهن کي (به) نه ڏنائين. اي منهنجي قوم! پاڪ زمين ۾ گهڙو

الْمُقَدَّسَةَ الَّتِىْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ
پاڪ ۾ جا لکي آهي الله توهان جي لاءِ ۽ نه ڦري وڃو پنهنجين پٺين تي
جا الله اوهان لاءِ ٺهرائي آهي ۽ پوئتي نه ڦرو نه ته ڦري خساري وارا ٿيندو.

فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ
پوءِ تي پوندؤ نقصان ڪار. چيائون اي موسيٰ! بيشڪ اتي قوم آهي زبردست.
چيائون ته، اي موسيٰ! بيشڪ اتي ڏاڍي زور واري قوم آهي ۽ اسين منجهس ايسين ڪڏهن

وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا
۽ اسان اصل نه گهڙنداسون اتي تان جو اهي نڪري وڃن ان مان، پوءِ جيڪڏهن نڪرندا اتان
نه گهڙنداسون جيسين اهي منجهانئس (نه) نڪرن پوءِ جيڪڏهن اهي اتان نڪرن ته اسين گهڙنداسون

فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ
پوءِ اسان داخل ٿينداسون. چيو ٻن ڄڻن انهن مان جيڪي ڊڄن پيا جو مهرباني ڪئي هئي الله
وارا آهيون. جيڪي الله کان ڊڄندا هئا تن مان ٻه ڄڻا جن تي الله نعمتون نازل ڪيون هيون چوڻ لڳا

عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ
انهن مٿان نه توهان گهڙي پئو انهن تي دروازي کان، پوءِ جڏهن داخل ٿيندؤ ان ۾ ته يقينن توهان
ته در کان مٿن (حملو ڪري) گهڙو پوءِ جڏهن در کان لنگهيو تڏهن اوهين پڪ غالب آهيو.

غٰلِبُوْنَ ۚ۬ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۳﴾ قَالُوْا

غالب ٿيندؤ، ۽ الله تي ڀروسو ڪريو جيڪڏهن آهيو اوهين مؤمن، چيائون

۽ جيڪڏهن مومن آهيو ته پوءِ الله تي ڀروسو ڪريو. چيائون اي موسيٰ! بيشڪ اسين اصل ئي

يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ

اي موسيٰ اسان هرگز نه ويندا سون اتي ڪڏهن به جيستائين اهي هوندا ان ۾ پوءِ وڃ تون

ڪڏهن منجهس نه گهڙنداسون جيسين اهي منجهس رهندا تنهن ڪري تون ۽ تنهنجو رب

وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ

۽ تنهنجو رب پوءِ ٻئي وڃي لڙو اسان هتي ئي ويٺا آهيون. چيو موسيٰ اي منهنجا رب! آءُ نه ٿو اختيار رکان

وڃو پوءِ وڙهو! بيشڪ اسين هتي (ئي) ويٺا آهيون. موسيٰ چيو ته، اي منهنجا پالڻهار! آءُ پنهنجي سر ۽ پنهنجي

اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۵﴾

مگر پاڻ تي ۽ پنهنجي ڀاءُ تي پوءِ جدائي وجهه اسان جي وچ ۾ ۽ قوم بي فرمانن جي وچ ۾.

ڀاءُ کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن تي اختيار نه ٿو رکان تنهن ڪري اسان جي ۽ بي فرمان قوم جي وچ ۾ جدائي ڪر!

قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ

فرمايائين ته پوءِ اها حرام آهي انهن تي چاليهه سال، پريشان هلندا رهندا

(الله) چيو ته، اها (پاڪ زمين) چاليهه ورهه مٿن حرام ڪئي وئي آهي. زمين (يعني برپٽ) ۾ حيران پريشان رهندا،

فِى الْاَرْضِ ؕ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۶﴾ؑ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ ٨ ع ٤

ملڪ ۾، پوءِ تون نه افسوس ڪر ماڻهن بي فرمانن تي. پڙهي ٻڌاءِ انهن کي

تنهن ڪري بي فرمان قوم تي ڏک نه ڪر! (اي پيغمبر!) آدم جي ٻن پٽن (هابيل ۽ قابيل) جي خبر کين

نَبَاَ ابْنَيْ اٰدَمَ بِالْحَقِّ ۘ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ اَحَدِهِمَا وقف لازم

خبر ٻن پٽن آدم جي سچي، جنهن وقت ڪيائون ڪجهه خيرات پوءِ قبول ٿي وئي ٻن مان هڪڙي جي

سچيءَ طرح پڙهي ٻڌاءِ، جڏهن ٻنهي (هڪ هڪ) قرباني نذر ڪئي تڏهن ٻنهي مان هڪڙي جي قبول ڪئي وئي

وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ

۽ نه قبول پئي ٻئي جي، چيائين ضرور قتل ڪندس توکي، ان چيو رڳو قبول ڪندو آهي

۽ ٻئي جي قبول نه ڪئي وئي، (قابيل) چيو ته، ضرور ماريندوسانءِ. (هابيل) چيو ته الله رڳو پرهيزگارن جي

اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۷﴾ لَئِنْۢ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَآ النصف

الله پرهيزگارن کان، جيڪڏهن تو ڊگهو ڪيو مون ڏانهن هٿ پنهنجو منهنجي مارڻ لاءِ ته

(قرباني) قبول ڪندو آهي، جيڪڏهن پنهنجو هٿ منهنجي مارڻ لاءِ مون ڏانهن ڊگهو ڪندين ته آءُ

اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ

آءٌ ڪونہ وڌائيندس پنهنجو هٿ توڏانهن تلهنجي مارڻ لاءِ، مون ڊڄان ٿو الله کان جو پاليندڙ

پنهنجو هٿ تو ڏانهن ڪڏهن بہ ڊگهو نہ ڪندس تہ توکي ماريان، ڇو تہ آءٌ جهانن جي پالڻهار کان

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ بِاِثْمِيْ وَاِثْمِكَ فَتَكُوْنَ

جهانن جو آهي. بلاشڪ آءٌ گهران ٿو تہ ڪٽي وڃين تون منهنجو ڏوهہ ۽ پنهنجو ڏوهہ پوءِ ٿئين تون

ڊڄان ٿو. منهنجو ارادو آهي تہ منهنجو گناهہ ۽ پنهنجو گناهہ تون ڪٽين تہ دوزخين مان ٿئين،

مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ

باهہ وارن مان، ۽ اهو بدلو آهي ظالمن جو. پوءِ مجايو ان کي سندس نفس

۽ ظالمن جي اِها سزا آهي. پوءِ سندس دل ڪيس سندس ڀاءُ جي ڪُهڻ تي آماده ڪيو

قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَبَعَثَ اللّٰهُ

خون ڪرڻ پنهنجي ڀاءُ جو پوءِ ماريائين ان کي پوءِ ٿيو نقصان وارن مان. پوءِ موڪليو الله

پوءِ ڪيس ڪُهائين پوءِ خساري وارن مان ٿيو. پوءِ الله هڪ ڪانو کي موڪليو جنهن زمين ۾

غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْءَةَ اَخِيْهِ ۭ

هڪ ڪانگ جو کوٽي پيو ڌرتي کي جيئن ڏيکاري ان کي تہ ڪهڙي طرح پوري لاش پنهنجي ڀاءُ جو.

هن لاءِ کوٽيو تي تہ ڪيس ڏيکاري تہ پنهنجي ڀاءُ جي لاشي کي ڪيئن لڪائي؟ (ڪانو کي ڏسي)

قَالَ يٰوَيْلَتٰٓى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ فَاُوَارِيَ

چيائين افسوس! ڇا آءٌ هن کان بہ ويس جو ٿيان برابر هن ڪانءَ جي پوءِ لڪايان

چيائين تہ مون لاءِ ارمان آهي! تہ ڇو منجهيس؟ جي آءٌ هن ڪانو جهڙو هجان ها تہ (بہ)

سَوْءَةَ اَخِيْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿٣١﴾ مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۛ

لاش پنهنجي ڀاءُ جو، پوءِ ٿي پيو پڇتائيندڙن مان. انهيءَ جي ڪري،

پنهنجي ڀاءُ جو لاشو لڪايان ها! پوءِ پشيمانن مان ٿيو. اِنهيءَ ڪري بني اسرائيلن تي

معانقة ٥ وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

كَتَبْنَا عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اَنَّهٗ مَنْ قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَيْرِ نَفْسٍ

حڪم لکيو سون بني اسرائيل تي بيشڪ جيڪو قتل ڪندو ڪنهن ماڻهوکي بنا عوض جان

لازم ڪيوسون تہ جيڪو ڪنهن جان جي عيوض يا زمين ۾ فساد وجهڻ (واري) کان سواءِ ٻئي

اَوْ فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ۭ وَمَنْ اَحْيَاهَا

يا بنا فساد ڪرڻ تي ملڪ ۾ تہ ڄڻ ماريو انهيءَ ماڻهن سڀني کي، ۽ جنهن جيئرو رکيو ان کي

ڪنهن کي ڪُهندو تنهن ڄڻڪ مڙني ماڻهن کي ڪُٺو، ۽ جنهن اُن کي بچايو تنهن ڄڻڪ

فَكَاَنَّمَآ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ز

تہ ڄڻ جياريائين ماڻهن سمورن کي، ۽ تحقيق آندو انهن وٽ اسان جي رسولن صاف حڪمن کي

مڙني ماڻهن کي بچايو، ۽ بيشڪ اسان جا (گهڻا) پيغمبر چِٽن معجزن سان وٽن آيا

ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِى الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ ﴿٣٢﴾ اِنَّمَا

پوءِ ڪيترائي انهن مان ان کان بعد ملڪ ۾ حد کان لنگهندڙ آهن. رڳو هي

وري اُن کان پوءِ منجهانئن گهڻا ملڪ ۾ حد کان لنگهندڙ ٿيا. جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر سان وڙهندا

جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ

ئي سزا آهي انهن جي جيڪي لڙائي ڪن ٿا الله سان ۽ ان جي رسول سان ۽ ڪوشش ڪن ٿا ملڪ ۾

۽ ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) لاءِ ڪوشش ڪندا تن جي سزا هن کان سواءِ (ٻي ڪا) نہ آهي

فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ يُصَلَّبُوْٓا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ

فساد ڪرڻ جي تہ انهن کي قتل ڪجي يا ڦاهي ڏجين يا ڪاٽجن هٿ انهن جا ۽ پير انهن جا

تہ ڪُهجين يا سوريءَ چاڙهجين يا سندن هٿَ ۽ سندن پير اُبتڙ سبتڙ وڍجن

مِّنْ خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْىٌ فِى الدُّنْيَا

ابتڙ يا نيڪالي ڏجين ملڪ مان، اها انهن لاءِ خواري آهي دنيا ۾

يا ديس نيڪالي ڏجين. دنيا ۾ اُنهن لاءِ اِها خواري آهي ۽ آخرت ۾

وَلَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٣٣﴾ لا اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْ قَبْلِ

۽ انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب وڏو آهي. مگر جن توبہ ڪئي اڳ ۾

اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي. پر جن اوهان جي قابوءَ ۾ پوڻ کان اڳ توبہ ڪئي،

اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهِمْ ج فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٤﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

توهان جي پڪڙڻ کان، پوءِ يقين ڪريو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان

پوءِ ڄاڻو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو (يعني پنهنجي

اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِىْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ

وارؤ! ڊڄو الله کان ۽ ڳولهيو انهيءَ ڏانهن ويجهڙائي ۽ جهاد ڪريو سندس راهہ ۾ جئن توهان

نيڪ عملن جي وسيلي الله تعاليٰ ڏي ويجها ٿيو) ۽ سندس واٽ ۾ ڪوشش ڪريو تہ مَن اوهين

تُفْلِحُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا

ڪامياب ٿيو. بيشڪ جن ڪفر ڪيو جي هجي وٽن جيڪي زمين ۾ آهي سارو

ڪامياب ٿيو. بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کي جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙئي جيڪڏهن هجي ۽ اُن جيترو

وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ

۽ اوترو ٻيو انهيءَ سان گڏ جيئن عوض ۾ ڏين ان کي عذاب ڏينهن قيامت جي کان تہ اهو نہ قبول ڪيو ويندو

ٻيو بہ گڏ (هجين) ۽ اهو قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان (بچاءَ لاءِ) عيوض ڏين تہ کانئن

مِنْهُمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٣٦﴾ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ

انهن کان ۽ انهن لاءِ عذاب آهي دردناڪ. گهُرندا تہ نڪرن باهہ کان

قبول نہ ڪبو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. باهہ مان نڪرڻ گهرندا ۽ (حقيقت ڪري)

وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنْهَا ز وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٧﴾

۽ نہ ٿيندا اهي نڪرندڙ ان کان ۽ انهن لاءِ عذاب دائمي آهي.

منجهانئس اهي نڪرڻ وارا نہ آهن ۽ انهن لاءِ سدائين عذاب آهي. ۽ چور (مرد)

وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ

چور مرد هجي يا چور عورت پوءِ وڍيو هٿ انهن جا سزا لاءِ سندن ڪئي سبب اهو عذاب آهي

۽ چور (عورت) انهن جاهٿ سندن ڪئي سببان سزا لاءِ وڍيو الله (جي پار) کان اهو عذاب آهي.

اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٣٨﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ

الله جي طرفان ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي. پوءِ جنهن توبهہ ڪئي ڏوهہ ڪرڻ کان پوءِ ۽ سڌارو آندائين

۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. پوءِ جنهن پنهنجي ڪيل (قصور) کان بعد توبهہ ڪئي ۽ چڱا ڪم ڪيا تنهن تي

فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٩﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ

تہ الله معاف ڪندو ان کي، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. ڇا تون نہ ڄاتو تہ

الله (پاڄهہ سان) موٽندو. ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. (اي پيغمبر!) معلوم نہ اٿيئي ڇا؟ تہ آسمانن ۽ زمين جي

اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَغْفِرُ

الله جي بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾، عذاب ڪري جنهن کي گهُري ۽ بخشي

بادشاهي الله جي آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڪري جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي،

لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾ يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ

جنهن کي گهُري ۽ الله هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ آهي. اي رسول!

۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي، اي پيغمبر! (انهن جو حال) توکي غمگين نہ ڪري

لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِى الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

نہ ڏکارو ڪن توکي اهي جيڪي تڪڙا ٿين ٿا ڪفر ۾ اهي جن چيو

جيڪي ڪفر ۾ ڪاهي پوندا آهن اهڙن (ماڻهن) مان جو پنهنجن واتن سان چوندا آهن تہ ايمان

الوقف علی الاولٰی اجوز ۱۲

اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛۚ وَمِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا ۛۚ

اسان مؤمن آهيون پنهنجي وات سان حالانڪ نہ ايمان آندو هو انهن جي دلين، ۽ ڪي يهودين مان اهڙا آهن،

آندوسون ۽ سندين دلين ايمان نہ آندو آهي، ۽ (پڻ) يهودين مان، جو ڏاڍا ڪوڙ ٻڌندڙ (يعني قبوليندڙ) آهن،

سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ؕ يُحَرِّفُوْنَ

جو ڪَنُ ڏين ٿا ڪوڙ ٻڌڻ لاءِ جاسوسي ڪندڙ ماڻهن ٻين لاءِ جيڪي نہ آيا آهن توٽ، ڦيرائين ٿا

ٻي قوم (ڪافرن) لاءِ جي ايان تو وٽ نہ آيا آهن جاسوسي ڪندڙ آهن، ڪن ڳالهين کي پنهنجن (صحيح

الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ

لفظن کي پنهنجي مقرر ٿيل معنائن بعد، چون ٿا جيڪڏهن ملي توهانکي اها معنيٰ تہ وٺوان کي

هنڌن تي هجڻ کان پوءِ بدلائيندا آهن، (ماڻهن کي) چوندا آهن تہ جيڪڏهن هيءُ (حڪم) ڏنو وڃيو تہ اهو قبول ڪجو

وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ؕ وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ

۽ جيڪڏهن نہ ملي اها تہ ان کان پاڻ بچايو، ۽ جنهن کي گهري الله فتني ۾ وجهڻ پوءِ نہ

۽ جيڪڏهن اهو نہ ڏنو وڃيو تہ پري ٿجو، ۽ الله جنهن جي گمراه ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تنهن لاءِ

تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ

مالڪ ٿيندين ان لاءِ الله وٽان ڪنهن شيءِ جو، اِهي اُهي ئي آهن جو نہ گهُريو الله تہ پاڪ ڪري

الله (جي پار) کان (هدايت ڪرڻ جو) ڪجهہ اختيار نہ اٿيئي، اُهي (اهڙا) آهن جو انهن جي دلين کي، الله پاڪ

قُلُوْبَهُمْ ؕ لَهُمْ فِى الدُّنْيَا خِزْىٌ ۖۚ وَّلَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ

دلين انهن جي کي، انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب

ڪرڻ نہ گهرندو آهي، دنيا ۾ انهن لاءِ خواري آهي ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

عَظِيْمٌ ﴿۴۱﴾ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ؕ فَاِنْ جَآءُوْكَ

وڏو آهي. گهڻو ٻڌندڙ آهن ڪوڙ کي گهڻو کائيندڙ آهن حرام کي، پوءِ جيڪڏهن اچن تو وٽ

ڪوڙين (ڳالهين) جا ٻڌندڙ آهن حرام (جو مال) کائيندڙ آهن، پوءِ جيڪڏهن تو وٽ اچن تہ

فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ ۚ وَاِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ

تہ فيصلو ڪر انهن جي وچ ۾ يا منهن موڙ انهن کان، ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندين انهن کان تہ اهي هرگز نہ

سندن (تڪرارن جي) وچ ۾ فيصلو ڪر يا کانئن منهن موڙ، ۽ جيڪڏهن کانئن منهن موڙين تہ توکي

يَّضُرُّوْكَ شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ

نقصان ڪندا تنهنجو ڪجهہ، ۽ جي فيصلو ڪرين تہ فيصلو ڪر انهن جي وچ ۾ انصاف سان، بيشڪ

ڪجهہ نقصان رسائي نہ سگهندا، ۽ جيڪڏهن نبيرو ڪرين تہ سندن وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪرا چو تہ

اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ

اللہ دوست رکي ٿو انصاف ڪندڙن کي، ۽ ڪيئن تا فيصلو ڪرائين توکان هوڏانهن انهن وٽ آهي

اللہ انصاف ڪندڙن کي دوست رکندو آهي، ۽ ڪيئن توکان هن حالت ۾ فيصلو ڪرائيندا؟ جو وٽن

التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۭ وَمَآ

توراة جنهن ۾ آهي حڪم الله جو وري ڦري وڃن ٿا ان کان پوءِ، ۽ نه آهن

توريت آهي ان ۾ الله جو حڪم آهي وري ان کان پوءِ ڦري ويندا آهن، ۽ اهي

اُولٰۗىِٕكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٣﴾ ع اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ ع ٩

اهي مؤمن وارا. اسان ئي نازل ڪيو هو توراة جوان ۾ آهي هدايت ۽ روشني،

مومن نه آهن. بيشڪ اسان توريت لاٿو آهي، منجهس هدايت ۽ نور آهي،

يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَالرَّبّٰنِيُّوْنَ

جنهن سان فيصلو ڪندا هئا پيغمبر جيڪي فرمانبردار هئا انهن يهودين جو ۽ انهن جا بزرگ

فرمانبردار پيغمبرن ۽ الله وارن ۽ (يهودي) عالمن ان (توريت) سان يهودين لاءِ فيصلو ڪيو آهي

وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ

۽ عالم به هن ڪري جو اهي محافظ ڪيا ويا هئا الله جي ڪتاب جا ۽ هئا انهيءَ تي مقرر،

(يعني) انهيءَ سان جيڪي الله جي ڪتاب مان ياد ڪرايو وين ۽ متس شاهد هئا، پوءِ (ڪين

فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا

پوءِ نه ڊڄو ماڻهن کان ۽ ڊڄو مون کان ۽ نه وٺو منهنجي آيتن سان بها

اسان سمجهايو هو ته) ماڻهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي ٿوري

قَلِيْلًا ۭ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ

ٿوري، ۽ جيڪي نه فيصلو ڪن ان موجب جو نازل ڪيو الله ته اهي ئي

ملهه سان نه وڪڻو، ۽ جيڪي الله لاٿو آهي تنهن سان جيڪي حڪم نه ڪندا سي ئي ڪافر آهن.

الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ

ڪافر آهن. ۽ لکيوسون انهن تي انهيءَ ۾ ته جان جو بدلو جان آهي

۽ انهن (يهودين) تي توريت ۾ لازم ڪيوسون ته ماڻهوءَ جو عيوض ماڻهو ۽ اک جو عيوض

وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَ

۽ اک جو بدلو اک آهي ۽ نڪ جو بدلو نڪ آهي ۽ ڪن جو بدلو ڪن آهي ۽

اک ۽ نڪ جو عيوض نڪ ۽ ڪن جي عيوض ڪن ۽ ڏند جو عيوض ڏند

السِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ۗ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ

ڏند جو بدلو ڏند آهي ۽ زخمن جو بدلو برابرو، پوءِ جنھن قرباني ڪئي ان سان پوءِ اھا

۽ ڦٽ جو عيوض اوترو ڦٽ آهي، پوءِ جيڪو ان کي بخشيندو تنھن لاءِ اهو (بخشڻ سندس گناهن جو)

كَفَّارَةٌ لَّهٗ ۗ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

پاڪائي آهي انھيءَ لاءِ، ۽ جنھن نہ فيصلو ڪيو ان سان جنھن کي نازل ڪيو الله پوءِ اھي ئي آھن

ڪفارو آهي، ۽ جيڪي الله لاٿو آهي تنھن سان جيڪي حڪم نہ ڪندا سي ئي ظالم آهن.

الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ

بي انصاف. ۽ پٺيان موڪليوسون انھن جي نموني تي عيسيٰ بن مريم کي

۽ انھن (پيغمبرن) جي طريقي تي عيسيٰ پٽ مريم جي کي پوئتان موڪليوسون جو

مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ ۪ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ

سچو چَوَندڙ ان کي جيڪي ان کان اڳ هو يعني تورات، ۽ ڏنوسون ان کي انجيل

جيڪو ڪانئس اڳ (توريت) هو تنھن جو سچو ڪندڙ هو ۽ کيس انجيل ڏنوسون

فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ ۙ وَّمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ

جنھن ۾ راهه ۽ روشني هئي ۽ سچو چَوَندڙ ان کي جو ان کان اڳ هو يعني تورات

جنھن ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ توريت جيڪو ڪانئس اڳ هو تنھن جو سچو ڪندڙ

وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ

۽ هدايت ۽ نصيحت ڊڄندڙن لاءِ ۽ فيصلو ڪرڻ گھرجي انجيل وارن کي

۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽ نصيحت هو. ۽ انجيل وارن کي جڳائي تہ جيڪي الله منجھس لاٿو

بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ۗ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ

ان سان جيڪي نازل ڪيو آهي الله انھيءَ ۾، ۽ جن نہ فيصلو ڪيو ان سان جو نازل ڪيو الله پوءِ اھي

تنھن سان فيصلو ڪن. ۽ جيڪي الله لاٿو تنھن موجب جيڪي فيصلو نہ ڪندا سي ئي بي دين آهن.

هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا

ئي بي فرمان آهن. ۽ نازل ڪيوسون توڏانهن قرآن حق جو سچو چوندڙ

۽ (اي پيغمبر!) تو ڏانهن سچائيءَ سان ڪتاب لاٿوسون جيڪي ڪتاب ڪانئس اڳ آهن

لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ

ان کي جو ان کان اڳ آهي ڪتاب ۽ نگهباني ڪندڙ ان تي پوءِ تون فيصلو ڪر انھن ۾

تن جو سچو ڪندڙ ۽ مٿن نگهبان آهي تنھنڪري جيڪي الله لاٿو آهي تنھن موجب سندن وچ ۾

بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ

ان موجب جو نازل ڪيو الله ۽ نہ هل انهن جي سڌن تي ڇڏي ان کي جو آيو تو وٽ حق،

حڪم ڪر ۽ جيڪو حق تو وٽ آيو آهي تنهن کان مڙي سندين سڌن جي تابعداري نہ ڪر اوهان مان هر ڪنهن

لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ

هر ڪنهن لاءِ ڪئي سون توهان مان شريعت ۽ طريقت، ۽ جيڪڏهن گهري الله تہ ڪري ها توهان کي

ٽوليءَ لاءِ شريعت ۽ (هڪ سنئين) واٽ مقرر ڪئي سون، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان مڙني کي

اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِىْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ

جماعت هڪڙي پر آزمائي ٿو توهان کي ان ۾ جيڪي ڏنائين توهان کي پوءِ اڳرائي ڪريو چڱاين ۾،

هڪ ٽولي ڪري ها پر (گهريائين) تہ جيڪي اوهان کي ڏنائين تنهن ۾ اوهان کي پرکي تنهن ڪري چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو.

اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٨﴾ لا

الله ڏانهن ئي آهي موٽڻ توهان سڀني جو پوءِ خبر ڏيندو توهان کي ان جي جنهن ۾ توهان اختلاف ڪندا هئا

اوهان مڙني جو الله ڏانهن موٽڻ آهي پوءِ جنهن (ڳالهہ) بابت اوهين تڪرار ڪندڙ هيو تنهن جي فيصلي جي اوهان کي خبر ڏيندو.

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَ

۽ هي تہ فيصلو ڪر انهن ۾ ان سان جيڪي نازل ڪيو الله ۽ نہ هل انهن جي سڌن تي ۽

۽ (وري بہ توکي حڪم ٿو ڪجي) تہ جيڪي الله لاٿو آهي تنهن سان سندن وچ ۾ حڪم ڪر ۽ سندين سڌن جي تابعداري نہ ڪر ۽

احْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ

هوشيار ٿي انهن کان متان ٿلائين توکي ڪنهن اهڙي حڪم کان جو لاٿو الله تو ڏانهن، پوءِ جي

انهن کان بچندو رهہ تہ جيڪي الله تو ڏانهن لاٿو آهي تنهن جي ڪنهن (حڪم) کان متان توکي ٿيڙين، پوءِ جيڪڏهن

تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ؕ

ڦري وڃن پوءِ سمجهہ تہ رڳو گهري ٿو الله تہ ڏئي انهن کي سزا سندن ڪن گناهن جي ڪري،

ڦرن تہ ڄاڻ تہ الله سندن ڪن گناهن سببان ڪين عذاب پهچائڻ گهرندو آهي.

وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ

۽ بيشڪ ڪيترائي ماڻهو بي فرمان آهن، ڇا پوءِ فيصلو ڪفر وارو گهرن ٿا؟

۽ ماڻهن مان گهڻا بي دين آهن، اِڇا جاهليت وارو حڪم گهرندا آهن ڇا؟ ۽ (ڪتاب الاهي تي)

وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ ع ۱۱

۽ ڪير زورڀلو آهي الله کان فيصلي ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ جي يقين رکن ٿا؟ اي جن

يقين ڪندڙ قوم لاءِ حڪم ڪرڻ ۾ الله کان وڌيڪ ڪير چڱو آهي؟. اي مومنو!

اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰٓى اَوْلِيَآءَ ۘ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ

ايمان آندو | نہ | بڻايو | يهودين | ۽ | نصارن کي | دوست | انهن مان هڪڙا آهن | ساٿي

يهودين ۽ نصارن کي دوست ڪري نہ وٺو، انهن مان هڪڙا ٻين جا دوست آهن. ۽ اوهان منجهان

بَعْضٍ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى

ٻين جا | ۽ | جيڪو | دوستي رکندو انهن سان | توهان مان | پوءِ اهو | انهن جو آهي، | بيشڪ | الله | نہ | توهدايت ڪري

جيڪو ڪين دوست ڪري وٺندو سو بيشڪ منجهانئن آهي، ڇو تہ الله ظالم ٽوليءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾ فَتَرَى الَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ

قوم | بي انصاف ڪي. | پوءِ ڏسندين | انهن ڪي | جن جي دلين ۾ | روڳ آهي | ڊوڙي وڃن ٿا

آهي. پوءِ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي تن کي ڏسين ٿو تہ انهن (يهودين ۽ نصارن جي دوستيءَ) ۾

فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى اَنْ تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ؕ فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِىَ

انهن ۾ | چون ٿا | ڊڄون ٿا | تہ متان | پهچي اسان کي | ڪا مصيبت | پوءِ شايد جلد ئي | الله | آڻي

ڊوڙندا ويندا آهن چوندا آهن تہ پاڻ تي زماني جي ڦيري پهچڻ کان ڊڄون ٿا پوءِ ستت ئي. الله

بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَآ اَسَرُّوْا فِىْٓ اَنْفُسِهِمْ

فتح | يا | ڪوئي حڪم | پنهنجي طرفان | پوءِ ٿي پوَنِ | ان تي جيڪي | لڪايائون | پنهنجي دلين ۾

فتح يا ٻيو حڪم پاڻ وٽان موڪليندو پوءِ پنهنجين دلين ۾ جيڪي لڪائيندا آهن تنهن تي پشيمان ٿيندا.

نٰدِمِيْنَ ﴿٥٢﴾ ؕ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا

پشيماني ڪندڙ. | ۽ | چوندا | جن | ايمان آندو | ڇا هي اهي آهن | جيڪي | قسم کڻندا هئا

۽ (قيامت ۾) مؤمن چوندا تہ هي اهي آهن ڇا؟ جيڪي (دنيا ۾) الله جا وڏا وڏا قسم کڻندا هئا

بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ؕ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا

الله جو | سخت ڪندي پنهنجن قسمن کي | تہ "اسان توهان سان گڏ آهيون" | ضايع ٿيا | عمل انهن جا | پوءِ ٿري ٿيا

تہ اسين اوهان سان آهيون (اڄ منافقيءَ سببان) سندن (سڀ) ڪئي ڪمائي ناس ٿي! پوءِ (اهي)

خٰسِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ

نقصان وارا. | اي | ايمان وارؤ! | جيڪو | ڦرندو | توهان مان | پنهنجي دين کان

خساري وارا ٿيا. اي مؤمنو! اوهان منجهان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو تہ سگهوئي الله اهڙي قوم

فَسَوْفَ يَاْتِى اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

پوءِ جلد ئي | آڻيندو | الله | اهي ماڻهو | جن سان اهو حب رکي ٿو | ۽ | اهي حب رکن ٿا ان سان، | نرمي ڪندڙ هوندا | مسلمانن تي

کي پيدا ڪندو جن کي (پاڻ) دوست رکندو ۽ اهي کيس دوست رکندا. اهي مؤمنن سان نوڙت ڪندڙ

اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ز يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ

سختي ڪندڙ كافرن تي جهاد ڪندا الله جي راهه ۾ ۽ نه ڊڄندا

۽ ڪافرن تي سخت هوندا الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت کان

لَوْمَةَ لَآئِمٍ ط ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ط وَاللّٰهُ وَاسِعٌ

ملامت ڪندڙن جي ملامت کان، اهو فضل الله جو آهي ڏئي ٿو جنهن کي گهري، ۽ الله گهڻو مهربان

نه ڊڄندا. اِهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي، ۽ الله ڪشادي فضل وارو ڄاڻندڙ آهي.

عَلِيْمٌ ﴿٥٤﴾ اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ

ڄاڻندڙ آهي. رڳو دوست اوهان جو آهي الله ۽ ان جو رسول ۽ اهي ايمان وارا جيڪي قائم ڪن ٿا

(اي مومنو!) الله ۽ سندس پيغمبر ۽ انهن مومنن کان سواءِ اوهان جو ڪو دوست نه آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن

الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ

نماز ۽ ڏين ٿا زڪوات ۽ اهي رڪوع ڪندڙ آهن. ۽ جيڪو دوستي رکندو الله سان

۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اُهي رڪوع ڪندڙ آهن. ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر

وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ ع ۱۲

۽ ان جي رسول سان ۽ ايمان وارن سان ته بيشڪ جماعت الله جي اها سيئي تي غالب آهي.

۽ مومنن کي دوست ڪري وٺندو (سو غالب ٿيندو) ڇو ته الله جي ٽولي ئي غالب آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا وَّ

اي ايمان وارؤ! نه بڻايو (دوست) انهن کي جن ورتو توهان جي دين کي مسخري ۽

اي ايمان وارو! جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو تن منجهان جن پنهنجي دين کي

لَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ج

راند ڪري انهن ماڻهن مان جن کي مليو ڪتاب توهان کان اڳ ۾، ۽ ڪافرن کي دوست.

مذاق ۽ راند بڻايو آهي تن کي ۽ ڪافرن کي دوست نه بڻايو، ۽ جيڪڏهن مومن

وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ

۽ ڊڄو الله کان جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو، ۽ جڏهن سڏيو ٿا توهان نماز لاءِ

آهيو ته الله کان ڊڄو، ۽ جڏهن (اوهين) نماز لاءِ بانگ ڏيندا آهيو (تڏهن اهي) ان کي

اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ط ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ

ته ڪن ٿا انهيءَ تي مسخري ۽ راند، اهو هن ڪري جو اهي ماڻهو بي عقل آهن. چؤ

مذاق ۽ راند ڀائيندا آهن. اهو هن سببان آهي جو اُهي بي سمجهه قوم آهن. (اي پيغمبر!) چئو ته اي ڪتاب وارو!

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ

اي اهل كتاب ڇا رڳو نفرت ٿا ڪريو اسان ڪان جو ايمان آندو اٿئون الله تي ۽ ان تي جيڪي نازل ٿيو

هن ڪان سواءِ اسان تي (ٻيو) ڪو عيب رکي سگهو ٿا ڇا؟ ته الله کي ۽ جيڪو اسان ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي اڳ

اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ ۙ وَاَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ قُلْ هَلْ

اسان ڏانهن ۽ جيڪي نازل ٿيو اڳي ۽ بيشڪ گهڻا توهان مان بي فرمان آهن. چؤ ڇا

لاٿو ويو آهي تنهن کي مڃيو اٿئون ۽ بيشڪ اوهان منجهان گهڻا بي دين آهن. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته.

اُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ وَ

ٻڌايان اوهان کي زور بڇڙو ان کان سزا ۾ الله وٽ اهو جنهن تي ڦٽڪار ڪئي الله ۽

الله وٽ هن کان وڌيڪ بڇڙيءَ عاقبت واري جي اوهان کي خبر ڏيان؟ (بڇڙيءَ عاقبت وارو) اهو آهي جنهن تي

غَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ؕ

ڪاوڙيو ان تي ۽ ڪيائين انهن مان ڪن کي ٻولا ۽ سوئر ۽ جنهن پوڄا ڪئي شيطان جي،

الله لعنت ڪئي آهي ۽ مٿس ڏمر ڪيو آهي ۽ منجهانئن ڪي ٻولڙا ۽ سوئر ۽ غير خدا جا پوڄيندڙ ڪيائين،

اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾ وَاِذَا جَآءُوْكُمْ

اهي ئي ماڻهو تمام بڇڙي جاءِ وارا آهن ۽ سخت گمراه سڌي رستي کان. ۽ جڏهن اچن ٿا توهان وٽ

اهي بڇڙي هنڌ رهڻ وارا آهن ۽ سڌيءَ واٽ کان بلڪل ڀُليل آهن!. ۽ جڏهن اوهان وٽ ايندا آهن. تڏهن چوندا آهن

قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ

چَون ٿا ته اسان ايمان آندو آهي هو ڏانهن آيا ڪفر سان ۽ اهي نڪري ويا ان سان، ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو

ته ايمان آندوسون، هن هوندي جو (اهي) ڪفر سان اندر ايندا آهن ۽ اهي اُن (ڪفر) سان ٻاهر ويندا آهن. ۽ جيڪي لڪائيندا

بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ فِى الْاِثْمِ

جيڪي لڪايو هئائون. ۽ تون ڏسندين ڪيترائي انهن مان تڪڙ ٿا ڪن گناه

آهن تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي، ۽ (اي پيغمبر!) منجهانئن گهڻن کي ڏسين ٿو ته گناه ۽ حد کان

وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾ لَوْلَا

۽ ظلم ۾ ۽ حرام کائڻ ۾، تمام بُرو آهي جيڪي اهي ڪن پيا. ڇو نه

لنگهڻ ۽ پنهنجي حرام خوريءَ ۾ تڪڙ ڪندا آهن ۽ جيڪي ڪندا آهن سو ضرور بڇڙو آهي.

يَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ

جهليو انهن کي بزرگن ۽ عالمن سندن ڳالهائڻ ڪوڙ کان ۽ سندن کائڻ

الله وارا ۽ عالم کين سندن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ سندن حرام خوريءَ کان ڇو نه جهليندا آهن؟

السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ يَدُ اللّٰهِ

حرام کان، تمام بُرو آهي جيڪي ڪندا هئا. ۽ چيو يهودين هٿ الله جو

جيڪي ڪندا آهن سو ضرور بڇڙو آهي. ۽ يهودي چوندا آهن ته الله جو هٿ تنگ آهي (يعني بخيل آهي) سندن هٿ

مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا ۘ بَلْ يَدٰهُ مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ وقف لازم

بند ٿيل آهي، بند ٿي وڃن هٿ انهن جا ۽ لعنت پوين انهيءَ چوڻ تي، بلڪ هٿ انهيءَ جا ڪشادا آهن،

بنديل هجن! ۽ جيڪي چيائون تنهن سببان لعنت ڪئي وين، (ائين نه آهي) بلڪ سندس ٻئي هٿ ڪشادا آهن،

يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

خرچ ڪندو آهي جيئن گهري، ۽ البت وڌائيندو گهڻن کي انهن مان اهو جيڪي لاٿو ويو توڏانهن

جيئن وڻندو اٿس تيئن خرچيندو آهي. ۽ (قسم آهي ته) تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن جيڪو (قرآن) لاٿو ويو آهي سو

مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ؕ وَاَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ

تنهنجي رب طرفان ڏاڍ ۽ ڪفر ۾، ۽ اسان وڌي آهي انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪاوڙ

منجهانئن گهڻن (يهودين) کي بي فرماني ۽ ڪفر ۾ ضرور وڌائيندو، ۽ قيامت جي ڏينهن تائين سندن وچ ۾

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَآ اَوْقَدُوْا نَارًا لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ ۙ

تائين ڏينهن قيامت، جڏهن به ٻارن ٿا باهه جنگ جي ته وسائي ڇڏي ٿو ان کي الله

دشمني ۽ بغض وجهي ڇڏيوسون. جنهن مهل جنگ لاءِ باهه ٻاريندا آهن (تنهن مهل) الله اها

وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾

۽ اهي ڪوشش ڪن ٿا ملڪ ۾ فساد جي، ۽ الله نه ٿو چاهي فساد ڪندڙن کي.

وسائيندو آهي ۽ فساد لاءِ ملڪ ۾ ڪوشش ڪندا آهن. ۽ الله فسادين کي دوست نه رکندو آهي.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ

۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب جا ايمان آڻن ها ۽ پرهيز ڪن ها ته معاف ڪريون ها انهن کان سندن بڇڙايون

۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري ڪن ها ته سندن گناه کائن ضرور ميٽيون ها

وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ

۽ داخل ڪريون ها انهن کي نعمت جي باغن ۾. ۽ جي اهي قائم ڪن ها تورات کي

۽ کين نعمت جي باغن ۾ ضرور داخل ڪريون ها. ۽ جيڪڏهن اهي توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي سندن پالڻهار وٽان

وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ

۽ انجيل کي ۽ جيڪي نازل ڪيو ويو انهن ڏانهن سندن رب کان ته رزق کائن ها پنهنجي مٿان کان

انهن ڏانهن لاٿو ويو تن (حڪمن) کي قائم ڪن ها ته پنهنجي مٿاهون ۽ پنهنجي پيرن هيٺان

وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ۭ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ۭ وَكَثِيْرٌ
۽ هيٺان پيرن پنهنجن کان، انهن مان ڪي ماڻهو وچترا آهن، ۽ گهڻا
ضرور (روزي) کائين ها. منجهائن هڪ ٽولي وچٿري آهي، انهن مان گهڻا جيڪي ڪندا آهن

مِّنْهُمْ سَاۗءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ ع١٤
انهن مان بڇڙا ڪم ڪندا آهن. اي رسول! پهچاءِ جيڪي لاٿو ويو توتي
سو بڇڙو آهي. اي پيغمبر! جيڪو (قرآن) تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان لاٿو ويو آهي سو پهچاءِ،

مِنْ رَّبِّكَ ۭ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ۭ وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ
تنهنجي رب کان، ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪيو تو ته نه پهچايو تو پيغام انهيءَ جو، ۽ الله بچائيندو توکي
۽ جيڪڏهن (ائين) نه ڪيئي ته (ڄڻ) سندس پيغام نه پهچايئي، ۽ الله توکي ماڻهن کان پناهه ڏيندو

مِنَ النَّاسِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٧﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ
ماڻهن کان، بيشڪ الله نه تو راهه ڏيکاري قوم ڪافرن کي. چؤ اي اهل
۽ الله ڪافرن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، اي ڪتاب وارو!

الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰي شَيْءٍ حَتّٰي تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَ
ڪتاب! نه آهيو توهان ڪنهن به ڳالهه تي جيستائين قائم رکو تورات کي ۽ انجيل کي ۽
اوهين ايستائين ڪنهن واٽ تي نه آهيو جيستائين توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي اوهان جي پالڻهار کان اوهان

مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ
جيڪو لاٿو ويو توهان ڏانهن توهان جي رب کان، ۽ ضرور وڌائيندو گهڻن کي انهن مان اهو جيڪي لاٿو ويو تو ڏانهن
ڏانهن لاٿو ويو تنهن (جي حڪمن) کي قائم نه ڪريو، ۽ جيڪي تنهنجي پالڻهار کان تو ڏانهن لاٿو ويو آهي

مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَي الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ اِنَّ
تنهنجي رب طرفان ڏاڍ ۽ ڪفر ۾، پوءِ نه افسوس ڪر تون قوم ڪافرن تي، بيشڪ
سو منجهائن گهڻن (يهودين) جي بي فرماني ۽ ڪفر کي وڌائيندو، تنهن ڪري ڪافرن جي قوم تي ارمان نه ڪر.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالصّٰبِـُٔوْنَ وَالنَّصٰرٰى مَنْ
جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا ۽ جيڪي يهودي آهن ۽ ستارن جا پوڄاري ۽ عيسائي جن به
(جيڪي) مومن ۽ يهودي ۽ صابئي ۽ نصاري (آهن انهن مان) جن الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي

اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ
ايمان آندو الله تي ۽ قيامت تي ۽ ڪم ڪيائون چڱا ته ناهي ڪوبه ڊپ انهن تي ۽
مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ڪو ڀؤ ڪونه آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا.

لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَقَدْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَاَرْسَلْنَآ

نڪي اهي ڏڪارا ٿيندا. برابر ورتوسون انجام بني اسرائيل کان ۽ موڪلياسون

بيشڪ بني اسرائيلن کان انجام ورتوسون ۽ اُنهن ڏانهن (گهڻا) پيغمبر موڪلياسون، جڏهن به

اِلَيْهِمْ رُسُلًا ؕ كُلَّمَا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُهُمْ ۙ فَرِيْقًا

انهن ڏانهن ڪيئي رسول، جڏهن آڻيندو هئو انهن وٽ رسول اهڙو حڪم جو نه چاهيندا هئا سندن نفس ته ڪن کي

وٽن ڪنهن پيغمبر جيڪي سندين دلين نه ٿي گهريو سو حڪم ٿي آندو تڏهن هڪ ٽوليءَ کي

كَذَّبُوْا وَفَرِيْقًا يَّقْتُلُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَحَسِبُوْٓا اَلَّا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ فَعَمُوْا

ڪوڙو ڪيائون ۽ ڪن کي قتل پيا ڪن. ۽ ڀانيائون ته نه ٿيندو ڪو عذاب پوءِ انڌا ٿيا

ڪوڙو ٿي ڀانيائون ۽ هڪ ٽوليءَ کي ڪُٺائون ٿي. ۽ ڀانيائون ٿي ته ڪو فتنو ٿيڻو نه آهي، پوءِ (حق کان) انڌا ٿيا

وَصَمُّوْا ثُمَّ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوْا وَصَمُّوْا كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ ؕ

۽ ٻوڙا ٿيا پوءِ توبهه قبول ڪئي الله انهن جي پوءِ وري انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا گهڻا انهن مان،

۽ ٻوڙا ٿيا وري (به) الله مٿن (ٻاجهه سان) موٽيو (جو پيغمبر موڪليائين) وري منجهانئن گهڻا (حق کان) انڌا ٿيا ۽

وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٧١﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ

۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي عمل ڪن ٿا. بالڪل ڪفر ڪيو انهن جن چيو ته الله اهوئي

ٻوڙا ٿيا. ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي. بيشڪ جن چيو ته ”پڪ عيسيٰ پٽ مريم جو پاڻ الله آهي“

الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ وَقَالَ الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اعْبُدُوا

عيسيٰ بن مريم آهي، ۽ چيو هو عيسيٰ اي بني اسرائيل! ٻانهپ ڪريو

سي ڪافر ٿيا. ۽ عيسيٰ چوندو هو ته اي بني اسرائيلو! الله جي عبادت ڪريو جو منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو

اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ

الله منهنجي پاليندڙ ۽ پنهنجي پاليندڙ جي، بيشڪ جو به شريڪ ڪندو الله سان ته حرام ڪئي الله

پالڻهار آهي (هيءَ پڪي ڳالهه آهي ته) جيڪو الله سان شريڪ مقرر ڪندو تنهن تي بيشڪ الله

عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَمَاْوٰىهُ النَّارُ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾

ان تي جنت ۽ جاءِ اٿس جي پاهه آهي، ۽ ناهي ظالمن لاءِ ڪوئي مددگار.

بهشت حرام ڪيو آهي ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي، ۽ ظالمن جو ڪو به مددگار نه آهي.

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ

بيشڪ ڪافر ٿيا اهي جن چيو ته الله آهي ٽيون ٽن مان، هو ڏانهن ناهي ڪوئي عبادت جي لائق

جن چيو ته پڪ الله ٽن (خدائن) مان هڪ آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا. حالانڪ هڪ الله کان سواءِ

وقف لازم

اِلَّآ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ وَ اِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيْنَ
مگر معبود هڪڙو، ۽ جيڪڏهن نہ مڙيا اِنهيءَ چوڻ کان تہ ضرور پهچندو انهن مان
ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي جيڪي چوندا آهن تنهن کان جيڪڏهن پاڻ کي نہ جهليندا تہ منجهانئن ڪافرن کي
كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى اللّٰهِ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ؕ
ڪفروارن کي عذاب دردناڪ. ڇا پوءِ نہ ٿا موٽن الله ڏانهن ۽ گناهہ بخشيائين انهيءَ کان،
ڏکوئيندڙ عذاب ضرور پهچندو. پوءِ الله ڏانهن ڇو نہ موٽندا آهن ۽ سندس بخشش ڇو نہ گهرندا آهن؟
وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٤﴾ مَا الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ
۽ الله بخشٹهار مهربان آهي. ناهي عيسيٰ بن مريم مگر هڪ رسول، گذريا آهن
۽ الله بخشٹهار مهربان آهي. عيسيٰ پٽ مريم جو رڳو پيغمبر آهي، بيشڪ کانئس اڳ (گهڻا) پيغمبر گذري ويا.
مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ وَ اُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ؕ كَانَا يَاْكُلٰنِ الطَّعَامَ ؕ اُنْظُرْ
انهيءَ کان اڳ ٻہ کيترائي رسول ۽ ماءُ انهيءَ جي سچار آهي، ٻئي کائيندا هئا کاڌو ڏِسُ
۽ سندس ماءُ سچي (فرمانبردار) هئي، ٻئي کاڌو کائيندا هئا. (اي پيغمبر!) ڏس تہ ڪيئن
كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ انْظُرْ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٧٥﴾ قُلْ
تہ ڪيئن پڌايون ٿا انهن کي آيتون پوءِ ڏِسُ تہ ڪيئن اُبتا ٿا ڦِرن. چؤ
انهن لاءِ نشانيون بيان ڪريون ٿا! وري ڏس تہ اهي ڪيئن ابتا ويندا آهن؟. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ.
اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا ؕ وَ اللّٰهُ
ڇا بندگي ڪريو ٿا الله کي ڇڏي انهيءَ جي جيڪو نہ ٿو اختيار رکي توهان جي نقصان جو ۽ نکي نفعي جو، ۽ الله
الله کان سواءِ انهن جي ڇو عبادت ڪندا آهيو؟ جي اوهان لاءِ نکي ڏک ۽ نکي سک جا مالڪ آهن. ۽ الله ئي
هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٧٦﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ
ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. چؤ اي اهل ڪتاب نہ وڌاءُ ڪريو پنهنجي دين ۾
ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ اي ڪتاب وارو! حق کان سواءِ پنهنجي دين ۾ حد کان نہ لنگهو
غَيْرَ الْحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعُوْۤا اَهْوَآءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَ
ناحق جو ۽ نہ لڳو خواهشن قوم جي تي جيڪي گمراهہ ٿيا اڳي ئي ۽
۽ انهيءَ قوم جي سڌن جي پٺيان نہ لڳو جيڪي بيشڪ (پاڻ بہ) اڳ ڀُلا آهن ۽
١٠ ع ١١ ١٤ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّ ضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٧٧﴾ لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
گمراهہ ڪيائون گهڻن کي ۽ ڀلجي ويا سڌي رستي کان. لعنت ڪيا ويا اهي جن ڪفر ڪيو
(ٻين) گهڻن کي (بہ) ڀُلايو اٿن ۽ سڌيءَ واٽ کان ڀُلا آهن. بني اسرائيلن مان جيڪي ڪافر ٿيا تن تي

مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا

بني اسرائيل مان زبان داؤد ۽ عيسيٰ بن مريم جي سان اهو هن ڪري

دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زبان سان لعنت ڪئي ويئي آهي، اهو هن سببان آهي جو بي فرماني ڪيائون

عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٧٨﴾ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ

جو بي فرمان ٿيا ۽ اهي حد کان لنگهندا هئا. نه جهليندا هئا هڪ ٻئي کي بڇڙائي کان جا ڪندا هئا،

۽ حد کان لنگهندا هئا. جيڪي بُرا ڪم ڪندا هئا تن کان هڪ ٻئي کي نه جهليندا هئا،

لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٩﴾ تَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ

اهو برو هئو جو ڪندا هئا. (اي نبي) تون ڏسين ٿو گهڻا انهن مان دوستي رکن ٿا ڪافرن سان،

جيڪي ڪندا هئا سو ضرور بد آهي. اي پيغمبرا! منجهانئن گهڻن کي ڏسين ٿو ته ڪافرن سان دوستي رکندا آهن.

لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ

برو آهي اهو جو موڪليو اٿن پنهنجي لاءِ پاڻ هي ته ڪاوڙيو آهي الله انهن تي ۽

جيڪي انهن پاڻ لاءِ اڳ موڪليو آهي سو بڇڙو آهي! جو مٿن الله جو ڏمرجڻ آهي ۽ اُن عذاب ۾

فِى الْعَذَابِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِيِّ وَمَآ

عذاب ۾ اُهي هميشه رهندا. ۽ جيڪڏهن ايمان آڻن ها الله ۽ نبيءَ ۽ ان تي جيڪي

سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ جيڪڏهن (اُهي) الله ۽ (پنهنجي) پيغمبر کي ۽ جيڪي پيغمبر ڏانهن لاٿو ويو

اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَا اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨١﴾

نازل ڪيو ويو ان ڏانهن ته نه وٺن ها انهن کي دوست ڪري پر گهڻا انهن مان بي فرمان آهن.

تنهن کي مڃين ها ته انهن (مشرڪن) کي دوست ڪري نه وٺن ها پر منجهانئن گهڻا ايمان کان نڪتل آهن.

لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ

ضرور لهندين تون زور سخت ٻين ماڻهن کان دشمني ڪرڻ ۾ مسلمانن لاءِ يهودين کي ۽ مشرڪن کي،

(اي پيغمبرا!) يهودين ۽ مشرڪن کي مومنن لاءِ ٻين ماڻهن کان بلڪل وڌيڪ دشمني ڪرڻ وارو ضرور ڏسندين،

وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ

۽ لهندين انهن مان زياده محبت ۾ مسلمانن لاءِ انهن کي جن چيو اسين نصارا آهيون

۽ جيڪي چون ٿا ته اسين نصاريٰ آهيون تن کي مسلمانن سان دوستي ڪرڻ ۾ ڏاڍو ويجهو ضرور ڏسندين.

ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا وَّاَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

اهو هن ڪري ته انهن مان ڪي عالم آهن ۽ ڪي درويش ۽ هنڪري جو اهي وڏائي نه ڪندا آهن

اهو هن سببان آهي جو منجهانئن ڪي عالم ۽ ڪي درويش آهن ۽ بيشڪ اهي وڏائي نه ڪندا آهن.

